

سلسلہ عاليہ قادريہ عطاريہ جي عظيم بُزرگ حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جا فرمان

# حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جا ارشاد

سنڌي

- هڪ بُزرگ جي نصيحت
- پٽ کي پوليس ڇڏي ڏنو(حڪايت)
- روزانو هڪ هزار نفل(حڪايت)
- حضرت سَري سقطي جا ارشاد

پيشڪش:
مجلس المدينۃ العلميہ (دعوتِ اسلامی)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **حضرت سري سقطي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جا ارشادات**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
# جا ارشادات

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ارشادات .................... 1
درود شريف جي فضيلت .................................. 1
هڪ بزرگ جي نصيحت .................................... 2
حضرت سَري سقطي جو تعارف ............................ 3
سندن پيشو ............................................. 3
پُٽَ کي پوليس چڏي ڏنو (حڪايت) ........................ 4
سيني جي مغفرت (حڪايت) .............................. 5
روزانو هڪ هزار نفل (حڪايت) .......................... 5
حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ارشادات .................... 8

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ارشادات

دعاءِ عطار: ياربَّ المُصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو بنام ”حضرتِ سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ارشادات“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي بُري خاتمي کان بچاءِ ۽ ان جي ۽ سندس والدين سميت سموري خاندان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرتِ ابو المُظفَّر محمد بن عبدُ الله خَيّام سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڏينهن رستو ڀلجي ويس، اوچتو هڪ صاحب نظر آيو ۽ انهن چيو: ” مون سان گڏ هلو“ مان انهن سان گڏ هلڻ لڳس. مون کي گمان ٿيو تہ هي حضرت خِضَر عَلَيْهِ السَّلَام آهن. منهنجي اِستفسار (يعني پڇڻ) تي انهن پنهنجو نالو خِضَر ٻڌايو، انهن سان گڏ هڪ ٻيا بزرگ بہ هئا، مون انهن جو نالو معلوم ڪيو تہ فرمايائون: هي اِلياس (عَلَيْهِ السَّلَام) آهن. مون عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان تي رحمت فرمائي، ڇا اوهان ٻنهي حضرات نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪئي آهي؟ انهن فرمايو: ها! مون عرض ڪيو: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ٻُڌل ارشادِ پاڪ ٻڌايو تہ جيئن مان اوهان کان روايت ڪري سگهان. انهن فرمايو تہ اسان رسولِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو شخص دُرودِ پاڪ پڙهي ان جي دل نفاق کان هن طرح پاڪ

ڪئي ويندي آهي جيئن پاڻي سان ڪپڙو پاڪ ڪيو ويندو آهي. پڻ جيڪو شخص ” صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد “ پڙهندو آهي ته اهو پنهنجي مٿان رحمت جا 70 دروازا کولي ڇڏيندو آهي. (القول البديع ، ص277، جذب القلوب، ص235)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ بزرگ جي نصيحت

حضرت سِري سقطي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان چاليهه سالن تائين الله پاڪ کان هي دعا ڪندو رهيس ته هو مون کي پنهنجو ڪو ڪامل ولي ڏيکاري، اي ڪاش! مان هن جي سچي عاشق جي هڪ جهلڪ ڏسي وٺان، هڪ ڀيري مان ”لُڪام“ جي جبلن ۾ هيس، اتي هڪ جڳهه تي مون ڪيئي مريضن کي جمع ڏٺو. مون انهن کان پڇيو: ”توهان هتي جمع ڇو ٿيا آهيو؟“ انهن چيو: ”مهيني ۾ هڪ ڀيرو هتي الله پاڪ جا هڪ نيڪ ٻانها ايندا آهن، اهي اسان جهڙن مريضن جي لاءِ دعا ڪندا آهن ۽ انهن جي دعا جي برڪت سان مريض فوراً تندرُست ٿي ويندا آهن، اڄ انهن جي اچڻ جو ڏينهن آهي، بس اهي اچڻ وارا ئي هوندا، اڃان اسان اهي ڳالهيون ڪري ئي رهيا هئاسين ته هڪ نوراني چهري وارا شخص اسان ڏانهن آيا، پوءِ انهن ڪجهه پڙهيو ۽ سڀني مريضن تي دَم ڪيائون. فوراً سڀ مريض تندرست ٿي ويا پوءِ اهي نيڪ ٻانها اتان اٿي ڪري واپس وڃڻ لڳا ته مان به انهن جي پٺيان هلڻ لڳس ۽ عرض ڪيُم: اي الله پاڪ جا ٻانها! ٿورو ترسو! مان اوهان سان ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو.“

اهي مون ڏانهن متوجهه ٿي ڪري چوڻ لڳا: ”اي سري سقطي! الله پاڪ کان علاوه ڪنهن ٻئي جي طرف متوجهه نه ٿي، هروقت انهيءَ جي

ياد ۾ رُڌل رھ، ڪنھن ٻئي ڪان اميد ئي نہ لڳاءِ، نہ تہ خطرو آھي تہ ڪٿي تون ھن جي بارگاھ ۾ غير مقبول نہ ٿي وڃين. ٺھنڪري ان ڪان علاوہ ڪنھن ٻئي جي طرف متوجھ نہ ٿي، ايترو چوڻ ڪان بعد اھي جنھن طرف ڪان آيا ھئا انھيءَ طرف ھليا ويا. (عيون الحڪايات، ص 201)

الله پاڪ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ اوليا! حضرتِ سَري سَقَطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪي انھن بزرگن ڪھڙي زبردست نصيحت فرمائي تہ الله پاڪ ڪان علاوہ ڪنھن ٻئي جي طرف متوجھ نہ ٿجانءِ ۽ ھر وقت انھيءَ جي ياد ۾ رُڌل رھجانءِ نہ تہ ان جي بارگاھ ۾ مقبول نہ ٿي سگھندين.

## حضرت سَري سقطي جو تعارف

شيخُ الاسلام ابو الحسن حضرتِ سَري بن مُغَلِّس سَقَطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا مُريد ۽ حضرت جُنيد بغدادي جا اُستاد ۽ ماما ھئا. (تذڪرة الاولياء، جزء1،ص246)

## سندن پيشو

پاڻ شروعات ۾ ”سَقَط (يعني معمولي ۽ ننڍيون ننڍيون شيون) وڪڻندا ھئا. (تذڪرة الاولياء، جز1، ص 246) انھيءَ مناسبت سان سندن ”سَقطي“ چيو ويندو آھي. منقول آھي تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مال خريد ڪندا ۽ وڪڻندا ھئا ۽ ھر ڏھ

دينار جي مال تي صرف اڌ دينار نفعو رکندا هئا، ان کان وڌيڪ نفعو جيڪڏهن کو ڏيندو به هو تڏهن به نه وٺندا هئا.

## پُٽَ کي پوليس ڇڏي ڏنو (حڪايت)

حضرتِ ابو الحسن سري سقطي رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه جي خدمت بابرڪت ۾ سندن پاڙي واري حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: اي ابو الحسن! رات منهنجي پُٽَ کي سپاهي پڪڙي ڪري وٺي ويا آهن شايد اهي هن کي تڪليف پهچائن، مهرباني ڪيو! منهنجي پُٽ جي سفارش فرمايو يا ڪنهن کي مون سان گڏ موڪليو. پاڙي واريءَ جو فرياد ٻڌي ڪري پاڻ رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه اٿي خشوع و خضوع سان نماز ۾ مشغول ٿي ويا. جڏهن ڪافي دير ٿي وئي ته ان عورت چيو: اي ابو الحسن! جلدي ڪيو! ڪٿي ائين نه ٿئي جو حاڪم منهنجي پٽ کي قيد ۾ وجهي ڇڏي! پاڻ رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه نماز ۾ مشغول رهيا، پوءِ سلام ڦيرڻ کان بعد فرمايائون: اي الله پاڪ جي ٻانهي! مان تنهنجو معاملو ئي ته حل ڪري رهيو آهيان.“ اجان هيءَ گفتگو ٿي ئي رهي هئي ته ان پاڙي واريءَ جي خادمه آئي ۽ چوڻ لڳي: بيبي صاحبه! گهر هلو! توهان جو پٽ گهر اچي چڪو آهي. هي ٻڌي ڪري پاڙي واري تمام گهڻو خوش ٿي ۽ سندن دعائون ڏيندي اتان هلي وئي. (عيون الحكايات ص164ملخصاً)(عيون الحكايات(اردو) 266/1) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قيديو! چاهو براءت، تم پڙهو دل سے نماز — دور هو جائے گی آفت، تم پڙهو دل سے نماز

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيني جي مغفرت (حڪايت)

هڪ شخص پاڻ رَحْمَةُ الله عَلَيْه جي جنازي ۾ شريڪ ٿيو، رات ان پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ فرمايائون: الله پاڪ منهنجي ۽ منهنجي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جي مغفرت فرمائي ڇڏي. ان شخص عرض ڪيو: سائين! مان به اوهان جي جنازي ۾ شريڪ هيس. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڪاغذ ڪڍي ڪري ان ۾ ڏٺو، پر ان جو نالو نظر نه آيو، ان عرض ڪيو: سائين! مان يقيناً حاضر ٿيو هيس، پاڻ ٻيهر نظر ڪيائون ته ان جو نالو حاشي ۾ لکيل ڏٺائون. (تاريخِ دمشق،198/20)

## روزانو هڪ هزار نفل (حڪايت)

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي دڪان ۾ هڪ پردو لڳائي ڇڏيو هيو جنهن جي پنيان تشريف وٺي ڪري روزانو هڪ هزار نفل پڙهندا هئا.
(تذكرة الاولياء،جز1، ص246)

اي عاشقانِ اوليا! هن حڪايت ۾ انهن تاجرن ۽ ملازمن جي لاءِ سکڻ جي لاءِ بهترين مدني گُل موجود آهي جيڪي پنهنجو فارغ وقت، مذاق مسخري، فضول ڳالهين ۽ موبائل جي غلط استعمال (Miss Use) ۾ گذاري ڇڏيندا آهن ۽ ڪجھ ته جماعت ته جماعت نماز به ڇڏي ڏيندا آهن. پنهنجي زندگي جا قيمتي لمحات اجائي ڪمن ۾ برباد ٿيڻ کان بچايو ۽ فارغ وقت کي غنيمت سمجهي ڪري جيترو ٿي سگهي دُرودِ پاڪ، تسبيحات وغيره ذڪر و اذڪار سان پنهنجي زبان تَر رکو. جيڪڏهن ڪجھ پڙهڻ جي بدران خاموش رهڻ جو دل چئي ته ان ۾ به ثواب ڪمائڻ جون صورتون آهن، مثال طور علمِ دين جي ڳالھ ۾ غور و

فکر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو، يا موت جي جهٽڪن، قبر جي اڪيلائي، ان جي وحشتن ۽ محشر جي هولناڪين جي سوچ ۾ گم ٿي وڃو، هن طرح وقت ضايع نہ ٿيندو بلڪ هڪ هڪ ساهہ عبادت ۾ شمار ٿيندو. اِنۡ شَآءَ الله

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ اولياء! الله پاڪ جي اولياءِ ڪرام جو هي طريقو رهيو آهي تہ اهي ماڻهن کي واعظ ۽ نصيحت جي ذريعي ڪيئي مدني گُلَ پيش ڪندا رهندا آهن، يقيناً انهن هستين اسلامي تعليمات کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عام ڪرڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو. هي بزرگانِ دين ڪڏهن ماڻهن ڏانهن وڃي ڪري انهن جي اصلاح ۽ تربيت فرمائيندا ۽ ڪڏهن ماڻهو سندن صحبت کان فيض ماڻڻ جي لاءِ انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري انهن جا ارشادات ٻڌندا ۽ پنهنجي اصلاح جو سامان ڪندا هئا. ياد رهي الله وارن جي انهن قولن ۾ قرآنِ ڪريم جون مبارڪ آيتون ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ حديثن جو خلاصو هوندو آهي، انهن جي زندگي جا تجربات ۽ مشاهدات هوندا آهن، انهن جي زبان مان نڪتل لفظن ۾ اها تاثير هوندي آهي جو بي نمازين کي نماز جي، غافلن کي سجاڳ ٿيڻ جي، جاهلن کي علم جي، فاسقن کي تقوىٰ جي ۽ غير مُسلمن کي اسلام جي دولت نصيب ٿي ويندي آهي.

بزرگانِ دين جي ارشادات جي اهميت بابت حضرت بابا فريدُ الدين مسعود گنج شکر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: (1) جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو ڪامل شيخ نہ ملي تہ اهو اهلِ سلوڪ (اولياءِ ڪرام) جي ڪتاب جو مطالعو ڪري ۽ ان تي هلي. (راحت القلوب، ص15) (2) محبوبِ الاهي حضرت خواجہ نظامُ الدين اوليا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت خواجہ امير حسن علاء سنجري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي نصيحت ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: مشائخن جا ڪتاب ۽ ارشادات جيڪي سلوڪ جي باب ۾ فرمائن اهي مطالعي ۾ رکڻ گهرجن. (فوائد الفواد، مجلس بست و هشتم، ص49) (3) محبوبِ الاهي حضرت خواجہ نظامُ الدين اوليا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن مان شيخُ الاِسلام خواجہ فريدُ الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دامن سان وابستہ ٿيس تہ مون ارادو ڪيو تہ جيڪو ڪجهہ سندن زبان مان ٻڌندُس اهو لکي وٺندُس تنهنڪري جيڪو ڪجهہ مان بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ٻڌندو هيس لکي وٺندو هيس، جڏهن پنهنجي قيام گاهہ تي ايندو هيس تہ ڪتاب ۾ لکندو هيس ان کان بعد بہ جيڪو ڪجهہ ٻڌندو هيس لکي وٺندو هيس ايستائين جو مون هيءَ ڳالهہ بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ٻڌائي. ان کان بعد بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن بہ ڪا حڪايت يا ارشاد فرمائيندا ها تہ مون کي حاضر ٿيڻ جو حڪم فرمائيندا ۽ جيڪڏهن مان دير ڪري ايندو هيس تہ اها ڳالهہ ٻيهر ٻڌائيندا هئا. (فوائد الفواد، مجلس بست و بشتم، ص49)

حضرت سري سقطي بہ وقفي وقفي سان پنهنجي مُريدين ۽ متعلقين کي پنهنجي واعظ جي مجلس ۾ مختلف موضوعن تي مختلق مدني گُلَ ارشاد فرمايا آهن، اچو انهن مان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ڪجهہ فرامين ملاحظ ڪيو:

## حضرت سري سقطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا ارشادات

(1) جنهن الله سان محبت ڪئي اهو زنده جاويد ٿيو (يعني ان جو ذڪر ماڻهن جي دلين ۾ هميشه رهندو.) ۽ جنهن دنيا سان محبت ڪئي اهو رُسوا ٿيو. (مڪاشفة القلوب،ص264)

(2) بي وقوف صبح ۽ شام ذلت ۽ رُسوائي سان گذاريندو آهي ۽ عقلمند پنهنجا عيب تلاش ڪندو رهندو آهي. (مڪاشفة القلوب،ص264)

(3) آخرت جي طلبگار جا ڪجهه طريقا: ❁ نفلن جي ذريعي الله پاڪ جو محبوب بڻجڻ ❁ قرآنِ پاڪ (جي ياد) سان دل لڳائڻ ❁ الله پاڪ جي احڪامن تي قائم رهڻ ❁ الله پاڪ جي حڪم کي ترجيح ڏيڻ ❁ ان جي ڏسڻ کان حياء ڪرڻ (يعني هو هر وقت مون کي ڏسي رهيو آهي) ❁ ان جي پسند ۾ پوري ڪوشش لڳائي ڇڏڻ ❁ ٿوري رزق تي راضي رهڻ ❁ گمنامي تي قناعت ڪرڻ (حلية الاولياء،121/10،رقم: 14703)

(4) هي پنج شيون جنهن ۾ هجن اهو نهايت بهادر آهي: ❁ الله پاڪ جي حڪم تي اهڙي استقامت جنهن ۾ هير ڦير نه هجي ❁ اهڙي ڪوشش جنهن ۾ ويسَر نه هجي ❁ اهڙي بيداري جنهن ۾ غفلت نه هجي ❁ اڪيلائي ۽ ماڻهن جي سامهون به اهڙو مُراقبہ الاهي (الله پاڪ جي طرف اهڙي توجهه) هجي جنهن ۾ رياڪاري نه هجي ❁ ۽ موت جي ياد سان گڏ ان جي تياري به هجي. (حلية الاولياء،121/10،رقم: 14702)

(5) مان اهڙو رستو ڄاڻان ٿو جيڪو سڌو جنّت جي طرف وڃي ٿو؟ پڇيو ويو: ابو الحسن! اهو ڪهڙو رستو آهي؟ فرمايائون: تون عبادت

جو رخ ڪري ۽ صرف انهيءَ ۾ لڳل رهي ايستائين جو توڪي ان ڪان علاوه ڪو ڪم نہ رهي. (حلية الاولياء،121/10،رقم: 14715)

(6) اهو پري ٿيو جيڪو الله پاڪ ڪان ٻن شين جي ڪري پري ٿيو ۽ اهو ويجهو ٿيو جيڪو الله پاڪ ڪان چار شين جي وجھ سان ويجهو ٿيو. جيڪو ٻن شين جي وجھ سان الله پاڪ ڪان پري ٿيو اهي ٻہ شيون هي آهن:۞ فرض کي ضايع ڪري نفل ۾ پوڻ ۞ ظاهري عضون جو اهڙو عمل جنهن تي دل جي سچائي نہ هجي. ۽ اهي چار شيون جنهن جي سبب الله پاڪ جي ويجهو ٿيندا آهيون اهي هي آهن:۞ الله پاڪ جي دَرَ کي لازم پڪڙڻ ۞ عبادت تي مضبوط رهڻ ۞ تڪليفن تي صبر ڪرڻ ۽ ۞ پنهنجي وڏائي بيان ڪرڻ ڪان بچڻ.

(حلية الاولياء،121/10،رقم: 14722)

(7) جيڪو الله پاڪ ڪان مناجات ۾ مشغول ٿيندو آهي الله پاڪ ان کي پنهنجي ذڪر جي مناس ۽ شيطاني وسوسن جي ڪوڙاڻ عطا فرمائيندو آهي. (حلية الاولياء،121/10،رقم: 14734)

(8) پنج شيون سيني ڪان بهترين آهن: ۞ گناهن تي روئڻ ۞ عيبن جي اصلاح ڪرڻ ۞ تمام ڳهٽو غيب ڄاڻڻ واري پروردگار جي اطاعت ڪرڻ ۞ دلين ڪان ڪَٽ دور ڪرڻ۞ ۽ پنهنجي خواهشات کي پاڻ تي سوار نہ ڪرڻ (يعني خواهشات جي پيروي ڪان بچڻ).

(حلية الاولياء،128/10،رقم: 14749)

(9) پنج شيون اهڙيون آهن جن جي هوندي دل ۾ بي ڪا شيءِ ناهي ترسندي: ۞ الله پاڪ جو ئي خوف رکڻ ۞ الله پاڪ سان ئي اميد رکڻ

۞ الله پاڪ سان ئي محبت رکڻ ۞ الله پاڪ کان ئي حياء ڪرڻ ۞ الله پاڪ سان ئي اُنسيت (محبت) رکڻ. (حلية الاولياء،128/10،رقم: 14749)

(10) حضرت جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا ته حضرت سري سقطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن فرمايو: مون ڏٺو آهي ته فائدا رات جي اونداهي ۾ (عبادت ڪرڻ سان) ظاهر ٿيندا آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جڏهن مون کي فائدو پهچائڻ چاهيندا ها ته مون کان سوال ڪندا ها. هڪ ڏينهن مون کي فرمايائون: شڪر ڇا آهي؟ مون چيو: نعمت ۾ نافرماني نه ڪئي وڃي؟ فرمايائون: توهان تمام سُٺي ڳالهه چئي ۽ بهترين جواب ڏنو. (حلية الاولياء،123/10،رقم: 14717)

(11) صبر جي معنٰي هي آهي ته تون زمين جيان ٿي وڃ جيڪا جبلن ۽ ماڻهن کي کڻي بيٺي آهي ۽ زمين ان وزن جو نه انڪار ڪندي آهي ۽ نه ان کي مصيبت سمجهندي آهي بلڪ ان کي پنهنجي ربَّ جي نعمت ۽ عطيو چوندي آهي. (حلية الاولياء،124/10،رقم: 14723)

(12) نه ماڻهن جي لاءِ ڪو عمل ڪيو، نه انهن جي لاءِ ڪجهه ڇڏيو ۽ نه انهن جي لاءِ ڪا شيءِ کوليو. حضرت جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انهن جي هن فرمان مان مُراد هي آهي ته توهان جا اعمال سڀ جا سڀ الله پاڪ جي لاءِ هجن. (حلية الاولياء،130/10،رقم: 14758)

(13) مون کي ان تي حيرت آهي جيڪو صبح ۽ شام نفعي جي ڳولا ۾ ويندو آهي پر پنهنجي نفس جي باري ۾ ڪڏهن نفعو ناهي ڪڻندو. (حلية الاولياء،122/10،رقم: 14706)

(14) نفس (جي اصلاح) جي مصروفيت اهڙي آهي جو ماڻهن کان توجهه هٽائي ڇڏيندي آهي. (حلية الاولياء،122/10،رقم: 14709)

(15) سيني کان وڏي طاقت هي آهي تہ تون پنهنجي نفس تي قابو رکين، جيڪو پنهنجي نفس جي اصلاح نہ ڪري سگهي اهو ٻين جي اصلاح بہ نہ ڪري سگهندو.

(16) جيڪو پاڻ کان مٿين جي اطاعت ڪندو آهي تہ هيٺيون بہ ان جي اطاعت ڪندو آهي.

(17) پنهنجي پاءُ کان شڪ جي بنياد تي قطع تعلق نہ ڪريو ۽ ان کي راضي رکو.

اللّٰہ پاڪ جي سڃاڻپ جي علامت هي آهي تہ اللّٰہ جا حقوق ادا ڪرڻ ۾ جيستائين ٿي سگهي ان کي پنهنجي ذات تي ترجيح ڏيڻ.

(حلية الاولياء،128/10،رقم: 14749)

(18) ماڻهو ان وقت تائين تعريف جي قابِل ناهي ٿيندو جيستائين اهو پنهنجي دين کي پنهنجي خواهش تي ترجيح نہ ڏي ۽ ان وقت تائين هلاڪ ناهي ٿيندو جيستائين پنهنجي خواهش کي پنهنجي دين تي ترجيح نہ ڏي. (حلية الاولياء،129/10،رقم: 14750)

(19) پنجن ڳالهين ڪانسواءِ سموري دنيا فضول آهي: ❁ ماني جيڪا پيٽ ڀري ❁ پاڻي جيڪو اُڃ لاهي ❁ ڪپڙو جيڪو سَتَر (اوگهڙ) ڍڪي ❁ گهر جنهن ۾ ماڻهو رهي ۽ ❁ علمِ دين جنهن کي اهو استعمال ڪري. (حلية الاولياء،123/10،رقم: 14719)

(20) مخلوق کان ڪجهہ طلب نہ ڪندي دنيا کان نفرت ڪرڻ جو نالو زُهد آهي.

(21) دنيا جي طرف مائل نہ ٿجانءِ نہ تہ اللّٰہ پاڪ جي طرف کان

جيڪا رسي آهي اها ٿني پوندي ۽ زمين تي آڪڙ سان نہ هلجانءِ عنقريب زمين ئي تنهنجي قبر ٿيندي. (حلية الاولياء،10/125،رقم: 14728)

(22) اهو ڏوڪي ۾ آهي جنهن پنهنجي زندگي جا ڏينهن اجايو گذاريا ۽ اهو بہ ڏوڪي ۾ آهي جيڪو صالحين جي مقام جي تمنا ڪري. (پر ڪوشش بلڪل بہ نہ ڪري.) (حلية الاولياء،10/122،رقم: 14710 )

(23) ٻانهي جو ايمان ان وقت تائين ڪامل ناهي ٿيندو جيستائين ان ۾ ٽي خصلتون نہ هجن: ❁ جڏهن اهوڪاوڙ ۾ هجي تہ ان جي ڪاوڙ ان کي حق (ڳالهہ) کان نہ ڪڍي ❁ جڏهن راضي هجي تہ ان جي خوشي ان کي ڪنهن گناهہ جي ڪم ۾ داخل نہ ڪري ❁ جڏهن (ڪو) طاقتور هجي تہ اهو مال نہ وٺي جيڪو ان جو ناهي.

(شعب الايمان ،6/ 320، حديث:8329)

(24) خوفِ خُدا رکڻ واري جي لاءِ 10 مقامات آهن: ❁ غم طاري رهڻ ❁ ڏک ۽ غم جو غلبو ❁ بي چين ڪرڻ وارو خوف ❁ گهڻو روئڻ ❁ رات ڏينهن ٻاڏائڻ ❁ راحت ۽ آرام وارين جاين کان پري ڀڄڻ ❁ بي قراري جي ڪثرت ❁ دل جو ڏڄڻ ❁ زندگي بي مزه هجڻ ❁ غم کي لڪائي ڪري ان جي حفاظت ڪرڻ. (حلية الاولياء،10/121،رقم: 14704)

(25) ڪاش سموري دنيا جا غم مون کي ملي وڃن ها تہ جيئن تمام ماڻهن کي غمن کان آزادي حاصل ٿي وڃي ها.

(26) ماڻهو جيتري شفقت پنهنجي اولاد تي ڪن ٿا اوتري شفقت جيڪڏهن پنهنجي جانين تي ڪن ها تہ انهن کي پنهنجي انجام ۾ خوشي ملي ها. (حلية الاولياء،10/122،رقم: 14707)

(27) هن ڳالھ کان بچو جو توهان جي تعريف عام هجي ۽ عيب لڪيل هجن. (حلية الاولياء،122/10،رقم: 14713)

(28) حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: مان اهڙو مختصر رستو ڄاڻان ٿو جيڪو توکي جنّت جي طرف وٺي وڃي؟ مون چيو: اهو ڪهڙو رستو آهي؟ فرمايائون: نہ تون ڪنهن کان ڪجھ وٺ، نہ ڪنهن کان ڪجھ گھر ۽ نہ تو وٽ ڪنهن کي ڪجھ ڏيڻ جي لاءِ هجي.
(حلية الاولياء،123/10،رقم: 14716)

(29) چار شيون ٻانهي کي بُلند ڪنديون آهن: ❁ علم ❁ ادب ❁ پاڪدامني ۽ امانت. (حلية الاولياء،123/10،رقم: 14720)

(30) جيڪو شخص اهڙي باطني علم جي دعوٰي ڪري جيڪو ظاهري (شرعي) حڪم کي ٽوڙيندو هجي تہ اهو غلطي ڪرڻ وارو آهي. (حلية الاولياء،125/10،رقم: 14726)

(31) جيڪي الله پاڪ جا مقرب هجن انهن جون دليون تقديرِ الاهي ۾ فڪرمند رهنديون آهن جڏهن تہ عام نيڪ ماڻهن جون دليون خاتمي ۾ لڳل رهنديون آهن. عام نيڪ ماڻهو چوندا آهن تہ اسان جو خاتمو ڪهڙو ٿيندو؟ ۽ مقرّبين (يعني الله پاڪ جو قرب ماڻڻ وارا) چوندا آهن: خبرناهي الله پاڪ اسان جي لاءِ ڪهڙو فيصلو فرمائي ڇڏيو آهي. (حلية الاولياء، 125/10،رقم: 14730)

(32) عمل ۾ خلوص رکڻ ايستائين جو عمل خالص ٿي وڃي هي عمل کان وڌيڪ سخت آهي ۽ عمل خالص هجڻ کان بعد ان کي بچائڻ عمل کان بہ وڌيڪ سخت آهي. (حلية الاولياء، 125/10،رقم: 14732)

(33) عمل کي آفتن کان بچائڻ عمل ڪرڻ کان ﭬ وڏيڪ مشڪل آهي. (حلية الاولياء، 126/10، رقم: 14733)

(34) دوست ناهيو پر انهن کي رازدار نہ بڻايو، خراب دوستن کان پاسو ڪريو ۽ جهڙي طرح توهان پنهنجي دشمن بابت انديشو رکندا آهيو اهڙي طرح دوست جي باري ۾ رکو. (حلية الاولياء، 126/10،رقم: 14735)

(35) جيڪو (نيڪين ۾) ٽال مٽول سان ڪم وٺندو آهي قيامت جي ڏينهن ان کي تمام گهڻي حسرت ٿيندي. (حلية الاولياء، 126/10،رقم: 14737)

(36) حضرت سري سقطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان پڇيو ويو: بکيو رهڻ وارن کي بک مان ڇا ملندو آهي؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايائون: ” پيٽ ڀرڻ وارن کي پيٽ ڀرڻ مان ڇا ملندو آهي؟ بکايلن کي بکارو رهڻ مان حڪمت ملندي آهي ۽ پيٽ ڀرڻ وارن کي پيٽ ڀرڻ مان بدهضمي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. (حلية الاولياء، 126/10،رقم: 14740)

(37) ٽي شيون نيڪ انسانن جي اخلاق مان آهن: ❁ فرضن کي ادا ڪرڻ ❁ حرام ڪمن کان بچڻ ۽ ❁ غفلت نہ ڪرڻ.

(38) ٽي شيون نيڪ انسانن جي اخلاق مان اهڙيون آهن جن جي ذريعي انسان اللّٰه تعاليٰ جي رضا تائين پهچي ويندو آهي: ❁ استغفار جي ڪثرت ❁ عاجزي ۽ انڪساري ۽ ❁ صدقن جي ڪثرت. (حلية الاولياء، 127/10،رقم: 14743)

(39) جيڪو نعمتن جو قدر نٿو ڄاڻي، ان کان نعمتون ڪسيون وينديون آهن ۽ ان کي خبر بہ ناهي پوندي. (صبر ڪندي ڪندي) جنهن تي

تڪليفون گهٽ ٿي وينديون آهن، اهو پنهنجو ثواب جمع ڪري وٺندو آهي.

(40) پنهنجي محتاجي الله پاڪ جي حوالي ڪريو هو توهان کي ماڻهن کان بي پرواهه ڪندو. (حلية الاولياء، 128/10،رقم: 14747)

(41) اخلاق ۽ عادتون عقل جا ترجمان آهن، توهان جي زبان توهان جي دل جي ترجمان آهي ۽ توهان جو چهرو توهان جي دل جو آئينو آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪو دل ۾ لڪيل هوندو آهي اهو چهري سان ظاهر ٿئي ويندو آهي. (حلية الاولياء، 128/10،رقم: 14748)

(42) دليون ٽن قسمن جون ٿينديون آهن: ❁ جبل وانگر مضبوط جنهن کي ڪا به شيءِ هٽائي نٿي سگهي ❁ کجيءَ جي وڻ وانگر جنهن جي پاڙ زمين ۾ قائم آهي ۽ هوا ان کي هِلائيندي رهندي آهي ❁ پَرَ جيان جنهن کي هوا هيڏانهن هوڏانهن اُڏائيندي وتندي آهي. (حلية الاولياء، 128/10،رقم: 14749)

(43) بهترين رزق اهو آهي جيڪو پنجن شين کان محفوظ هجي: ❁ ڪمائي ۾ گناهن کان ❁ ذلت ۽ ڪِرڳِڙائڻ ذريعي گهرڻ کان ❁ پنهنجي پيشي ۾ خيانت کان ❁ گناهن واري اوزارن جي پيسن کان ❁ ۽ حق تلفي جي معاملي کان. (حلية الاولياء، 128/10،رقم: 14749)

(44) شبهي وارين شين کي ڇڏڻ وارو ئي شهوتن (بري خواهشن) کان بچڻ جي طاقت رکي سگهي ٿو. (حلية الاولياء،129/10،رقم: 14754)

(45) جيڪو به منهنجو ذڪر برائي سان ڪري مان ان کي معاف ڪندو آهيان، پر مان ان کي معاف نه ڪندس جيڪو ڄاڻي واڻي منهنجي باري

۾ ڪا ڳالھ چوي، جڏھن تہ اھو ڄاڻيندو ہہ ھجي تہ منھنجو عمل ان جي خلاف آھي. (حلية الاولياء،130/10،رقم: 14759)

(46) اھڙا ماڻھو تمام ٿورا ھوندا آھن جن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد(فرق) ناھي ھوندو. (تذكرة الاولياء،252/1)

(47) جيڪو شخص نعمتن جي قدر ناھي ڪندو ان ڪي اھڙو تہ زوال ايندو جو ڪيس خبر بہ نہ پوندي. (تذكرة الاولياء،252/1)

(48) حيا ۽ انس (محبت) دل جي دروازي تي ايندا آھن، جيڪڏھن دل ۾ زھد ۽ پرھيزگاري ڪي موجود ڏسندا آھن تہ رڪجي ويندا آھن نہ تہ موٽي ويندا آھن. (تذكرة الاولياء،252/1)

(49) سمجھدار اھو ئي آھي جيڪو قرآن پاڪ جي اسرار ڪي سمجھي تہ ۽ ان ۾ غور و فڪر ڪري ٿو. (تذكرة الاولياء،252/1)

(50) جيڪو شخص مخلوق ۾ پاڻ ڪي ائين ظاھر ڪري جيئن ھو ناھي تہ اھو الله جي نظر کان ڪِري وڃي ٿو. (شريف التواريخ،512/1)

(51) طاقتور اھو آھي جيڪو پنھنجي نفس تي قابو رکي. (شريف التواريخ،512/1)

(52) طاقتور اھو آھي جيڪو پنھنجي ڪاوڙ تي غالب اچي. (شريف التواريخ،512/1)

(53) گناھن کان بچڻ جا ٽي سبب آھن: جھنم جي خوف سبب، جنت جي شوق سبب، الله پاڪ جي حياء جي سبب. (تذكرة الاولياء،253/1)

(54) جيڪو الله پاڪ جو فرمانبردارھوندو آھي تہ سڄي دنيا ان جي فرمانبردار بڻجي ويندي آھي. (تذكرة الاولياء،252/1)

(55) ماڻهن کي ايذاءُ رسائڻ بجاءِ انهن جي طرفان ملڻ واري تڪليف تي صبر ڪرڻ سنو اخلاق آهي. (تذڪرة الاولياء،252/1)

(56) عبادت کي خواهشن تي ترجيح ڏيڻ سان انسان بلندي حاصل ڪري وٺندو آهي. (تذڪرة الاولياء،252/1 )

(57) پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه وفات وقت حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه کي نصيحت ڪندي فرمايو ته” مخلوق ۾ رهندي خالق کان غافل نه ٿجان“.

پنھنجي محتاجي اللہ پاڪ جي سُپرد ڪيو اھو توھان کي ماڻھن کان بي پرواھ ڪري ڇڏيندو.

(حلية الاولياء، جلد 10/ 128، رقم:14744)

جيڪو (نيڪين ۾) بھانا ڪندو آھي قيامت جي ڏينھن ان کي تمام گھڻي حسرت ٿيندي.

(حلية الاولياء، جلد 10/ 128، رقم:14737 )

جيڪو اللہ پاڪ جو فرمانبردار ھوندو آھي تہ سڄي دنيا ان جي فرمانبردار بڻجي ويندي آھي.

(تذڪرة الاولياء، 252/1)


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net